SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريہ 2018

# SINDH ACT NO.IV OF 2018

# شهدادپور انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (ترميم) ايڪٽ، 2017

# THE SHAHDADPUR INSTITUTE OF MEDICAL SCIENCE (AMENDMENT) ACT, 2017

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 2011 جي سنڌ ايڪٽ نمبرXI جي دفعہ 7 ۾ ترميم

Amendment of section 7 of Sindh Act No. XI of 2011

3. 2011 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 8 ۾ ترميم

Amendment of section 8 of Sindh Act No. XI of 2011

4. 2011 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعه 15 (1) ۾ ترميم

Amendment of section 15(1) of Sindh Act No. XI of 2011

# سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريہ 2018

# SINDH ACT NO.IV OF 2018

## شهدادپور انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (ترميم) ايڪٽ، 2017

## THE SHAHDADPUR INSTITUTE OF MEDICAL SCIENCE (AMENDMENT) ACT, 2017

[2 جنوري، 2018]

آرڊيننس، جنهن ذريعي شهدادپور انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز ايڪٽ، 2011 ۾ ترميم ڪرڻ.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ شهدادپور انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز ايڪٽ، 2011 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪري هن ريت جوڙي عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي شهدادپور انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (ترميم) ايڪٽ، 2017 سڏيو ويندو. سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

2011 جي سنڌ ايڪٽ نمبرXI جي دفعہ 7 ۾ ترميم

Amendment of section 7 of Sindh Act No. XI of 2011

2. شهدادپور انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز ايڪٽ، 2011 ۾، ان کانپوءِ ڄاڻايل ايڪٽ جي طور، دفعہ 7 ۾، ذيلي دفعہ (1) ۾، ”گورنر“ جي لفظ طور، ”چيف منسٽر“ جا لفظ تبديل ڪيا ويندا.

2011 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 8 ۾ ترميم

Amendment of section 8 of Sindh Act No. XI of 2011

3. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 8 ۾، ذيلي دفعہ (1) جي لاءِ، ڄاڻايل ذيلي جاءِ ڏني ويندي.

”(1) انسٽيٽيوٽ ۽ ان جي معاملن کي عام هدايت انتظاميہ ۽ ان جا احوال هيٺ ڏنل بورڊ تي رکيا ويندا.“

i. صحت وارو وزير يا جيڪڏهن صحت وارو وزير نہ هجي تہ وڏي وزير جي ذريعي چونڊيل ڪابينا جو ميمبر. — چيئرمين

ii. چونڊيل تڪ مان جتي انسٽيٽيوٽ واقع آهي تہ صوبائي اسيمبلي جو ميمبر — ميمبر

iii. سيڪريٽري هيلٿ — ميمبر

iv. ڊويزن جو ڪمشنر — ميمبر

v. ميڊيڪل سائنس جي شعبي ۾ قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي تسليم ٿيل ۽ پيشيوارانه (وڏي وزير جي ذريعي نامزد ڪيل) — ميمبر

vi. سانگھڙ جي پرپاسي واري علائقي مان هڪ ناليوارو شهري انسان دوست سرگرمين ۾ ملوث (وڏي وزير پاران نامزد ڪيل) — ميمبر

vii. چيئرمين، ضلعي ڪائونسل سانگھڙ — ميمبر

vii. اڪيڊمڪ ڪائونسل جو هڪ چونڊيل — ميمبر

ix. انسٽيٽيوٽ جو ڊائريڪٽر — سيڪريٽري

2011 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعه 15 (1) ۾ ترميم

Amendment of section 15(1) of Sindh Act No. XI of 2011

4. ”شهدادپور انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز فنڊ“ جي نالي سان سڃاتپ رکندڙ انسٽيٽيوٽ جي لاءِ هڪ جدا نان ليپس ايبل فنڊ هوندو.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**